پيغام احمد

مصنف: مولوي حاجي احمد ملاح

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه لوڀار

صاحب خان ·سورهه· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

"پيغام احمد"

(ڪلام مولوي حاجي احمد ملاح مرحوم)

SOORIH SINDHI ADAB

مرتب:

محمد صديق ملاح "مرهم" بدهڻوي

ڇپائيندڙ جا حق واسطا محفوظ

دفعو	پھريون
تعداد	ٻه هزار
سال	١٩٧٨
قيمت	٣-٠٠ روپيه

SOORTH SINDHI ADAB

هي ڪتاب عبدالغفور جوڻيجي، اسٽار پرنٽرس
حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

تعارف

سنڌي زبان جو عظيم عوامي شاعر، توحيدالاهيءَ جو مبلغ، تحريڪ خلافت جو سرگرم ڪارڪن، تحريڪ پاڪستان جو پرخلوص سپاهي، سنڌي زبان ۾ قرآن شريف جو منظوم ترجمو ڪندڙ فخرالعلماءَ ۽ سرتاج الشعرا مرحوم مولوي حاجي احمد ملاح بدينوي ١٩ جولاءِ ١٩٦٩ع چنڇر ڏينهن سادي ٽين بجي شام جو جدائيءَ جو داغ ڏيئي پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو. (انا لله وانا اليه راجعون)

مرحوم جي عمر تقريباً هڪ سو سال هئي. سندس آخري آرامگاه غريب آباد بدين جي نزديڪ معصوم جي مقام ۾ آهي.

مرحوم مولوي حاجي "احمد" ملاح صاحب جي شخصيت ۾ علم و ادب جا درياءَ پوشيده هئا، هو زماني جي افق تي آفتاب عالمتاب جي طرح روشن رهيو ۽ زندگي جي ڪتاب تي اڻ مٽ نقش ڇڏيائين، گلشن هستيءَ ۾ سندس وجود جيڪا سرهاڻ ڇڏي آهي، قيامت تائين ان جي خوشبوءِ محسوس ڪئي ويندي، علم و ادب، شعر و شاعري، نڪته سنجي ۽ رنگين بياني ۾، خيالات جي پاڪيزگي ۾، ڪردارنگاري ۾، سياسي بصيرت ۽ سماجي مشاغل ۾ سندس رتبو اعليٰ هو. هو اسلام جو شيدائي هو. وحدانيت جو داعي ۽ شمع رسالت جو پروانو هو. تڪبر ۽ غرور کان دور، سادگي پسند ٿور ڳالهائو، ماٺيڻو ۽ مستقل مزاج انسان هو. سندس نظم توڙي نثر ۾ ميناج، تسلسل ۽ روانيءَ جا واهڙ وهندا نظر اچن ٿا.

مسدس نظم هڪ خاص ڪيفيت ۽ سرور جو حامل آهي، عربي، سنڌي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ شعر چوڻ تي مڪمل دسترس حاصل هئس، شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. قرآن شريف جو منظوم سنڌي بيتن ۾ ترجمو مسدس اهو بي مثال ڪارنامو آهي جنهن تي اسان جيترو به فخر ڪريون گهٽ آهي، مسدس شعر جا ڪتاب گلشن هدايت، گلزار احمد، بياض احمد، هيڪڙائي حق، فتح لواري ۽ نثر ۾ معرفت الله شايع ٿي تحسين حاصل ڪري چڪا آهن. هي مختصر ڪتاب "پيغام احمد" نذر عقيدت طور شايع ڪجي ٿو. هن ڪتاب ۾ مرحوم مولوي احمد صاحب ملاح جي شعر ۾ لکيل سوانح عمري مان گڏ، وحدانيت، رسالت، اسلام مان محبت ۽ تحريڪ پاڪستان، هجر ۽ فنا جي موضوعن تي مشتمل مسدس شعر موجود آهن. هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ اسان مسٽر عبيدالله صاحب ولد مرحوم مولوي حاجي احمد ملاح جا نهايت ٿورائتا آهيون، جنهن صاحب اسان کي مواد مهيا ڪيو ۽ مفيد مشورا پڻ ڏنا. اميد ته آئنده به هو اسان جي مدد ڪندو رهندو.

والسلام

محمد صديق ملاح بدين

۸ سيپٽمبر ۱۹۶۹ع

سوانح عمري

مولوي حاجي احمد ملاح مرحوم جي والد جو نالو نانگيو ملاح هو. مولوي صاحب مرحوم جي ولادت ڪنڊي ڳوٺ ۾ ٿي. ڪنڊو ڳوٺ ديهه لوهڻ، تپي چورهڏي، تعلقي بدين ۾ آهي. سومرن جي اڳوڻي تختگاهه "روپا ماڙيءَ" کان 2 ميلن جي فاصلي تي اوڀر طرف آهي. مولوي صاحب پنهن جي شهر ۾ ڪنڊي کي به ڳايو آهي، سندس والد هڪ مسڪين ماڻهو هو، تنهن ڪري کيس ننڍپڻ ۾ مال چارڻ جي ڪم سان لڳايائين. مال چاريندي کيس علم جو شوق اڀري جاڳيو ۽ مال کي ڇڏي وڃي پڙهڻ ويٺو.

پهريائين پنهنجيءَ جي مڪتب ۾ حافظ حاجي عبدالله منڊري وٽ ۽ ان کان پوءِ پيڳڙا ميمڻ، ٽوها بدين، سجاول، گهڙو ۽ نانگو شاه جي مڪتبن ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم پرايائين. علم جي تحصيل نانگو شاه تعلقي گونيءَ ۾ ڪيائين. سندس دستار بندي گهڙو ڳوٺ ۾ ٿي. گهڙو ڳوٺ رپ کان 4 ميل اولهه طرف تعلقي گونيءَ ۾ آهي جتي مشهور عالم مولوي خير محمد مگسي علم جي فيض کي جاري رکيو پئي آيو. مولوي صاحب پنهنجي استاد کي خضري جي لقب سان ياد ڪيو آهي.

پنهنجي منظوم سوانح حيات ۾ مولوي صاحب پنهنجي
تعليمي زندگي جو داستان هن ريت ڇنيو آهي:

ڍور چاريندي اچي ويو، اوچتو مونکي خيال،
علم ري انسان کي ڪجهه ناهي عزت احترام.

علم ري انسان جو، حيوان وانگر حال بد،
وهٽ ڦرجن ۽ ويامن، پي نه ڪيڏن ڪر قيام.

علم سو جنهن سان سڃاڻن، پنهنجي سائينءَ کي صحيح،
نا ته دهرين جيئن ڏمون، پوءِ بند دوزخ ۾ دوام.

پنهنجي عقيدي، مذهب ۽ شاعري جي نالي ۽ ڳوٺ
بابت پڇندڙ کي هيئن جواب ڏنو اٿس:

"احد ۽ احمد ساڻ آرام مون،
مڃو دل منجهان دين اسلام مون،
گلن مثل گفتار، گندو گام مون،
پروڙج پڙهي پر، پڇين نام مون:
ته الحمد مان کڻ اکر لام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو."

پنهنجي پڙهڻ جو ذڪر هيئن ڪرڻ فرمائي ٿو:

"ياد آهم سال ٻارهين ۾ پڙهڻ ويٺس پٺي،
ڏينهن هڪ ۾ باب پورا، سال ۾ سندس ڪلام.
پارسي، سنڌي، ڪ عربي، علم ماڊا پنج سال،

عمر سارا سال سترهن، پڙهي آتم انعام عام.
مولوي مشهور خضري خير محمد خان وٽ،
ٽن رفيقن ساڻ رپ لڳ، منجهه گهڙي گلزار گام.

دستار بندي بعد رئيس حاجي عبدالله ٽيٻي مرحوم لاڙ جي سخي مرد (رپ جي وڏي شخصيت، رئيس محمد اشرف ٽيٻي مرحوم جي چاچي) سندس دعوت جو عاليشان اهتمام ڪيو. مولوي صاحب انهيءَ دعوت جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

خوب خنچو ڪوليو، الحاج عبدالله رئيس،
ماڻيون، مهمانيون، برياڻيون، طهريون طعام.

ان وقت ۾ لاڙ جي علائقي ۾ به مذهبي مناظرا زور تي هئا. پر مولوي صاحب شروع کان ئي مناظرن ۽ اجاين بحثن مباحثن کان پري رهندا هو، جو سندس خيال هو ته انهن مان ڪو مثبت ۽ مفيد نتيجو نٿو نڪري ۽ پاڻ ۾ اختلافات وڌن ٿا. انڪري پاڻ تحصيل علم کان پوءِ فيصلو ڪيائون ته هڪ باقاعده مدرسي ۽ مڪتب ذريعي ديني علم کي فروغ ڏجي. پاڻ آخري زندگي تائين پنهنجي انهي تعميري نقطه نظر تي ڪاربند رهيا ۽ غير ضروري مذهبي بحث مباحثن ۽ مناظرن ۾ پاڻ کي نه الجهايائون.

تحصيل کان پوءِ مولوي صاحب موٽي پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ آيو ۽ نور محمد منڌري، لاڪي پير ۽ ڀڏمي ءَ جي مڪتبن ۾ معلم ٿي رهيو. ان بعد بدين ۾ مدرسي مظهرالعلوم جو بنياد وڌائين ۽ ان جو منتظم ٿي رهيو، ان سان گڏ معلمي جا فرائض پڻ سر انجام ڏيندو رهيو.

بعد ۾ مولوي صاحب مدرسي مظهرالعلوم کي ڇڏي غريب آباد ۾ هڪ ٽڪرو زمين جو وٺي، ڀرپاسي مدرسي جو بنياد رکيو، سال پڻ کان پوءِ مسجد شريف جو بنياد رکيائين. اهو مدرسو مسلم اسڪول غريب آباد بدين جي نالي سان اڄ به علم جي شمع کي روشن رکيو اچي ۽ اها مسجد اڄ جامع مسجد غريب آباد بدين جي نالي سان موجود آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائي سبب جڏهن ترڪن تي ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪرڻ شروع ٿيا تڏهن پاڪ و هند ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي. مولوي احمد ملاح مرحوم خلافت تحريڪ توڙي قطع تعلقات تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پنهنجن شعرن سبب انگريزن خلاف نفرت جي باهه ٻارڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سندس انهيءَ دور جو شعر غيرت، حميت، ۽ جذبهءِ جهاد سان سرشار آهي.

مولوي احمد ملاح جي جوشيلن شعرن ايوان حڪومت جي بنياد کي لرزائي وڌو ۽ انگريز حڪومت کيس

باغيانه خيالات جي پرچار جي جرم ۾ جيل موڪلي چاڙهيو. مولوي صاحب انهيءَ بيداد جو ذڪر هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

ڪريون ڪر مين لئي هي هي، ته هڪدم حڪم بندش جو،
غريبن کي ڏسي غمگين، واهه جا غور ٿيا آهن!

جيل موڪلڻ کان اڳ هڪ مقدمو درج ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪوڙا شاهد ٻڌاري ڪيس سزا ڏيارائي ويئي.

انگريزي دور حڪومت جي قيد خانن ۾ قيدين سان جو سلوڪ روا رکيو ويندو هو، ان جو مختصر جائزو مولوي صاحب مرحوم شعر ۾ هينئن پيش ڪيو آهي.

خبر ناهي ڪٿي سرڪار، يا ٿي خصلتن ڪوڙي،
هڪ لوٽي لپي ٿي کانه، پي ريتيءَ گڏيل روٽي.
سڳورو ڏينهن صفا آچار عيسائين اڳيان آهي،
ڪٿليو خيرات جو ڇڏيو، نه ڏسجي پوڙ ۾ پوٽي.
قبولج ڪرم سان قادر، نمازون هن نماڻن جون،
نه هيت پورو ملي پاڻي، ستر تي پڻ ڪشٽ هوٽي.
ڪيون سون عرب لئي آهون، خطا آهي نه آهي ايءَ،
اسان هن انگريزن ساڻ، ڪهڙي جنگ پي جوٽي؟
سخائون وٽ ڪري سرڪار، سياسي لوڪ سان سڳهڙي،
متان ڪنهنجو مسافر، منهن نه لڳي هن ملڪ ڏي موٽي!
اڙي قرآن تان قيدي ڏيل، ڪهڙا ڪرين ٿو غم،

سگهي پاڻن سبب پٽبي، انهن ڇامن جي ڇاموڙي!

مولوي احمد ملاح صاحب مرحوم حج بيت الله شريف جي زيارت کان شريف مڪه جي بادشاهيءَ وقت فيض ياب ٿيو. مولوي صاحب مرحوم حج مبارڪ جي سفر تي اسهڻ کان وٺي واپسي تائين سفر جي تڪليفن، سمنڊ جي لهرن ۽ لوڏن، مڪي شريف جي وادين؛ عرفات ۽ ديار عرب جي حسين نظارن، خانهءِ ڪعبه ۽ مسجد نبوي جي پر نور ۽ وجد آفرين مناظر جو ذڪر شعر ۾ ڪيو آهي؛ جنهن ۾ پنهنجي محبت، سڪ، عقيدت ۽ والهانه وابستگيءَ جو اظهار ۽ جذبات احساسات ۽ مشاهدات ۽ تاثرات کي نهايت، لطيف پيرايه ۾ نظم ڪيو آهي. هڪ نظم تان چند بند عرض آهن:-

ڏسي خانهءِ خدا، ڪم خوب ٿيندم، جي خدا گهربو.
لنگهي مهراڻ مان مطلوب ٿيندم، جي خدا گهربو.
خدا جي گهر گناهن ۾، پوي گهوڙا ڙي گهوڙا ٿي،
عفو ڪان ات عجب اسلوب ٿيندم، جي خدا گهربو.
خدا جي گهر خودي ڪهڙيءَ ڏبيءَ جي در نوابي ڇا؟
جسم محبت ڪنان مجذوب ٿيندم، جي خدا گهربو.

مولوي احمد ملاح مرحوم 1938ع ۾ لواري شريف جي حج کي بند ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پيو دفعو جيل ويو. ساڻس گڏ مولوي عبدالرحيم پنهجي، مولوي خير محمد نظامائي، مولانا عبدالحق رباني ۽ هزارين پيا جيان ۾ بند ڪيا ويا. نيٺ 6 ذوالحج کان 13 ذوالحج تائين درگاه لواري شريف جي 5 ميلن جي دائري

اندر ١٤٤ قلم لاڳو ڪيو ويو جيڪو اڄا تائين بـلا ناغي لڳندو اچي.

سيرت

مولوي احمد ملاح مرحوم سادو سـودو ۽ سباجهو انسان هو، قدرت طرفان اعليٰ ظرفي ۽ اعليٰ حوصلگيءَ جي ذات ورثي ۾ مليل هيس. هو دوستن جـو يـار ۽ محفل جو مور هو، وڏو عـالم ۽ بي نظير شاعـر هـو، تـوحيد جـو مبلغ بنجي حياتي گذاريـائين. درگـاهـن تـي ٿيندڙ مشرڪانـه رسمن خـلاف جهاد ڪيائين جنهن ڪري پيرن ۽ مرشدن جو طبقو سندس دشمن بنجي پيو، ڪافي تڪليفون سٺائين مگر سندس پائيءَ استقلال ۾ ڪوبه فرق ڪونه پيو، قدرت طرفان کيس حساس دل عطا ڪئي ويئي هئي جنهن ڪري ڪٿي به ڪنهن تي ڪو ظلم ڏٺو ته پاڻ ان کي شعر جي قالب ۾ سموئي ڇڏيندو هو؛ سندس اهڙو واقعاتي تاريخي شعر به هزارن جي تعداد ۾ آهي. جنهن ۾ هن صديءَ جي ثقافت، تاريخ، سماجي خواهه مذهبي قدرن جـو ڪافي ذخيرو جمع آهي. پڇاڙي جي وقت قرآن شريف جـي معنيٰ کي منظوم بيتن جـي قـالب ۾ تـرجمو ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ڏهن سالن جي رات ڏينهن جي محنت بعد اهو ڪم تڪميل تي پهچايائين؛ اهو قرآن شريف "نورالقرآن" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي.

اولاد

مولوي صاحب مرحوم جي اولاد ۾ ۳ پٽ هر هڪ عبيدالله، عبدالرحمان، عبدالرحيم ۽ هڪ نياڻي ٿيا جن مان عبدالرحمان مولوي صاحب جي حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويو، باقي ٻه پٽ ـ عبيدالله هن وقت غريب آباد بدين ۾ رهي ٿو ۽ عبدالرحيم اصلي ڳوٺ ڪنڊي ۾ رهائش پذير آهي.

وفات

آخر عمر ۾ مولوي صاحب گهڻو ڪري بيمار گذاريندو هو، پڇاڙي وارا ٻه سال صاحب فراش رهيو ۽ بي سرو ساماني جي حالت ۾ بيماريءَ سان لڙندي 19 جولاءِ 1969ع ڇنڇر ڏينهن شام جو ساڍي ٽي بجي جان آفرين جي حوالي ڪيائين (اناالله و انا اليه راجعون).

وفات وقت سندس عمر سو سالن جي لڳ ڀڳ هئي، سندس مدفن غريب آباد جي نزديڪ معصوم جي مقام ۾ واقع آهي، قبر جي ڪتبي تي الحاج رحيم بخش قمر صاحب جو هيٺيون شعر آويزان آهي:

ارجمي احمد کي، ساڃهر سڏ ڏيو،
قمر ڇڏي ڪريم ڏي، پارس پنڌ پيو،
خادم ڏيو خلق جو، جيسن جوان جيو،
ڏاڍو ڏور ڏيو، ڇڪي پي منڊي ڇنڊ ڪان.

منظوم

سوانح عمري مولوي حاجي احمد ملاح

شڪر رب الحمد الله دمبدم در صبح شام،
مهربانيون جنهن جون مون تي مينهن مدائتي جيئن مدام.
مٺ مٽيءَ جي مان بنائي موتيا موتيءَ ڪٿا،
پيا ٺڪر ٺاهين جنهن مان پاڻ جوڙي جام چام.
ڪين ڪي ڪن سان ڏنائين پيرهٽ ڪن من اکيون،
جسم سارو جس لهي ٽو واهه ڙي عضوا اندام.
سرت سرجڻ ڪان نه اڳ جي پوءِ ڦڙو فرزند پوءِ،
پوءِ پينگهي ۾ ٻه پورا سال جهولو جهول جام.
پوءِ گهوڙي ۾ گڏي پاڏيهي ويهڻ وارو وري،
پوءِ سُرڻ آسرڻ اٽڪ تي پوءِ وکڙيون پوءِ وام.
پوءِ ٻارن ساڻ ٻاهر جهوٽ جهوٽان راند روند،
دمبدم دانهون ته ڪاڏم هِن ڪ هُن ڪان مار مام.
پوءِ ٻوڙڻ پوءِ ڏورن ساڻ منجهه ڏورن ڏيڏين،
وس ولهارن ۾ ولر سان گاهه ڳولاڙا گدام.
ڪاڪ، ڪنبڙي، ڪئونر سر ۾، موڙ، مارڏ ۽ مليرَ،
يا اڏئي ۾ يا آڏاهه ۾ ياد من ۾ ڏوم ڏام.
ڏور چاريندي اچي ويو، اوچتو مون کي خيال،
علم ري انسان کي ڪجهه ناهي عزت احترام.
علم ري انسان جو حيوان واڱر حال بد،
وهٽ ڦرجن ۽ ويامن ٻي نه ڪيٽن ڪر قيام.

علم سو جنهن سان سڃاڻن پنهنجي سائين کي صحيح،
نات ڌرين جئين ڏمون، پوءِ بند دوزخ ۾ دوام.
ياد آهيم سال يارهين ۾ پڙهڻ وينس پٽي،
ڏينهن هڪ ۾ باب پورا، سال ۾ سنڌس ڪلام.
پارسي، سنڌي ۽ عربي علم ساڍا پنج سال،
عمر ساڍا سال سترهن ڏٺي آتم انعام عام.
مولوي مشهور خضري خير محمد خان وٽ،
ٽن رفيقن ساڻ رپ لڳم منجهه گهڙي گلزار گام.
خوب خنچو کوليو الحاج عبدالله رئيس؛
مانيون، مهمانيون، برسانيون، طهريون طعام.
پوءِ گهڙي جي گام کان گهر موٽيس بي گهر غريب،
حال هيٺو هول هاڻو ڇو هٽان پي هاڻ هام.
ٻڙ وڏو ۽ بار بر سر بار باريءَ تي رکيم،
تون سچو سائين سنڌم آءٌ گدا گولو غلام.
ڪئي هدايت ۽ حمايت حق تعاليٰ هر طرح،
پنهنجي هٿ ۾ رکيو احمد ٻنڌي جو انتظام.
ڇو نه ڳايان ڳالهه تنهنجي جنهن ڪيا ڳڻ اڻ ڳڻيا،
سو سنڌم ساڻي سسيءَ ۾ ساه يا مرڻ منجهه مقام.
نليپڻ کان نظم تي منهنجي طبيعت هئي تيار،
پوءِ پڙهڻ سان پاڻ ڏيو آن ۾ اضافو اهتمام.
غزل مدحون، بيت، باتيون، چاڙهيم ڇوئيءَ مٿي،
سہ حرفي صنعتون، طرحين منجهس تجنيس تام.
بيع بدعت جي پٽڻ ۾ ڪيا رسالا راس سون،

”هيڪڙائي حق“ پڙهيو حق چون حاذق همام،
”هيڪڙائي حق“ منثي ڪيا ڪئين هچارڻ هوچڙا،
ويا چڙهي واڇن وڇان تن ڪي لوند لوهي لغام،
آهي عبدالله عالم نيڪ جوڻيجي ڪي جس،
پيو لکيو ٻئ ۾ پڪيڙي نظم ناماں نيڪ نام،
پنجونجاه ڪان پوءِ پنجم پهر ترجمي سنڌيءَ سنڌو،
عمر پوري پنجهٺ ۾ ترجمو ڏيڙو تمام،
سال تيرهن سو اٺاسي سومار شام،
ٻاويهين تاريخ ذوالحج مينهن وسندي والسلام.

مناجات

خلق ڪي خالي لڳي آهي خوري خفخانڙو،
خاڪ جو خاڪي سڏائي خان ڪو خاقانڙو.
در حقيقت آهي هڪ پيو هي هونهين حيرانڙو،
ڏاهي سڀ اڳيان نڪت جو نام ۾ نيشانڙو.
تون احد الله اڪبر آءِ احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.
حمد هادي تو ڪي هردم هر هميشه ڪل حال،
مٽ نه تنهنجو ڪو ٻدامي پڻ مٿيءَ تو سان محال.
بادشاهي تنهن جي ٻاقي بادشاهن تي بحال،
خاڪ مٽ خاقان تو وٽ خان کهٽ کانڙو.

تـون احـد الله اڪـبـر آهِ احـمـد پـانـهـڙو،
پانهڙي تي پاڃهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

آهِ پاڻهون پار پانهي تون ڪرين پانهي تي پاڃهہ،
رک مٺا مالڪ معافي جـي مـٺـي محتاج تاج.
هر دو عالم جي پڇائين هـيـت هـٿـي تون پاڻ حاج،
پوُ اگـيان تـنهنجي عطا چـا آهي مـون آرمانڙو.

تـون احـد الله اڪـبـر آهِ احـمـد پـانـهـڙو،
پانهڙي تي پاڃهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

دل سندم در ڏاڻهن تنهنجي دمبدم دائم چڪي،
ڪيم دوري ڏي ڏٺيم در گاهہ پنهنجي ڪان ڌڪي.
ماهہ سائلڙي سندو تـرلئي مدا سائـيـن سـڪـي،
منجهہ پچارن پيـو پچي ڪامـي پـتـنـگ پـروانڙو.

تـون احـد الله اڪـبـر آهِ احـمـد پـاهـڙو،
پانهڙي تـي پاڃهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

بند مَ بـاري بخششون بـيـڪار بيحالي مـٺـان،
تنهن جي دوري ۽ ڪان ڏٺي چڏجي بدن پالي مٺان.
مال مايا گهوريان تنهن جي مٺا نالي مٿان،
ماهہ سر صدقو ڪريان، صـدقو ڪريـان سامانڙو.

تـون احـد الله اڪـبـر آهِ احـمـد پـانـهـڙو،
پانهڙي تي پاڃهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

تون قوي قيوم قادر آهِ ڪاهل پر قصور،
تون ڏٺي ديان داور ڪر مون ڪي در ڪان نہ دور.

تون غني غفار غافر غيب دان غالب غفور،
آهين گولو گولپيءَ جو مون ڳچيءَ ۾ ڳانڍو.
تون احد الله اڪبر آهين احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

تون قوي قيوم قادر قدرتون تنهنجون ڪمال،
ٿا ڦرن سگهه ساڻ تو، سج چنڊ ساعت ماهه سال،
تون بلاشڪ بادشاهه منجهه بادشاهن بي مثال،
آهين آدم جي منجهان اولاد هڪ انسانڙو.
تون احد الله اڪبر آهين احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

تون ڪرم وارو قوي ڪيا ڪين تي ڇٽ ڪلڪ تو،
تون مٺو معبود مالڪ ملڪ مڙئي ملڪ تو،
تون سچو سبحان سائين ساهه مون منجهه سلڪ تو،
تون مٺو محبوب آهين محبتي مستانڙو.
تون احد الله اڪبر آهين احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

صاحبي صاحب تو هڪ جي وچ سما ۽ سرمين،
آهين رڻ روهه ۾ رهيس ڪر رحم رب العالمين،
ڪا قوي ڪلتار قوت بخش مون ڪاهل ڪمين،
تو سوا حق تي هلي ڪئين هي هني حيوانڙو.
تون احد الله اڪبر آهين احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

ڪُنڊ نصيحت ڪي نہ نائي نفسڙو نادان نور،
مون ڏسيو بي زور لائي زور چوري لاءِ چور،
شامتي شيطان جو سر تي مٿم شر شور زور،
شال شامل تون رهين پيو ڇا ڪندم شيطانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

ڏي ڏٺي دانا دلاسو دل سندم پڌ دين سان،
ڪين آهيان ڪين ڇائيان ڪين مون ڳڌ ڪين سان،
پاڻ مالڪ تون مدامي ڪر مدد مسڪين سان،
نت نهوڙي مون ڪي نئي ڏو نفسڙو نادانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

هاءِ هت آڏيم نہ ڪا شي ڇا هلايان منجهہ حشر،
خير ڪر خالق سندم خاطر نبي خيرالبشر،
شامتي شيطان مون تي ڏو مچائي شور شر،
تون ڏٺي دانا بچاءِ ديو کان ديوانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهہ ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

مڏ ڪريان ساعت بہ ساعت صبح سانجهي سج لٿي،
هڏ هينئون رت ماه منهنجو حڪم ۾ هادي اٿي،
ٿيو مدي ڪان منهن وارڻ سخت مشڪل مون مٿي،
تو اڳيان الله سائين ڪم اهو آسانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

دان بخشي دين جو تون دل ڏئيم داور ڇني،
ملڪ تو مالڪ ڏياريم ملڪ منهن جي نه تم مٽي،
رحم لئي ويهون ڪريان ٿو روح مون راحت ڦٽي،
بخش جو هيڪل ٻيهي ڪيئن پال ري پيٽ پانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

مهر ڪر مولٰيا مَنهان جي معافي ٿو مڱان،
منجهه ڪشالي ڪاف ڪوهن ورب ڪافي ٿو مڱان،
نام صدقي صادقن جي صدق صافي ٿو مڱان،
تو ڪنان توڪي مڱان تووري آهيان آڌمانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

جو اڳيان مولٰيا مهدي ٻيو محمد مير جو،
تنهن سفر سهڪو ڪري سائين سلامت سير جو،
مون وسياو آهي ورتو ويـر ۾ تنهن ويـر جو،
ڇا ڪندو تحقيق هاڻي تار تڪ طوفانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

ڏي خداوند مون کي خاصي خاص خلوت سان خوءِ،
جڳ جهانان مون ڪڍي جبار ڪر جبروت جوءِ،

SOORIH SINDHI ADAB

چڏ بدن بيڪار جي ۾ بود بچڙي جي نہ بوءِ،
نيستي سون لاءِ نافع نفس ۾ نقصانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙو تي پاڄهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

مهرباني ڪر مٺي مديني ڪان ماندي دل ٿيس،
غم گهڻو کوڙا اٿم غفلت ڪري غافل ٿيس،
اڳ مٺيءَ مان تو اپائي آدمي عاقل ڪيس،
هاڻ ماڻهوءَ مان ڪر مون کي مرون بي مانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

لڪ لڪون ليڪ ليڪ اڳين تہ بہ دل نہ اڪ ۾ لاهبي،
روح ويندي سڱين روهن ۾ ماڻ محبوب راهبي،
تون سدا تنهن جي سدائين آهي صاحب صاحبي،
آءٌ مجرم مت مٺيءَ جي مهل ڪا مهمانڙو.

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

حب ناهم هت ڪرڻ جي حاب هندستان کي،
بلڪ پانيان بـي بقا هن باغ ۽ بستان کي،
معرفت مان مست رک مون ملڪ جي مستان کي،
دور دنيا کان رکج جا دام وچ تي دانڙو،

تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاڄهه ڪر در تان مَ ڌڪ دربانڙو.

SOORIH SINDHI ADAB

عمر ساري منجهہ عمل احمد کي آگا رک نہ مست،
کر چڱاين تي چڱي پر چت سندم چالاک چست،
در ڏٽي اگهيم دعا ديدار ٿيو دل کي درست،
ڪاڻجي ويو ساڻ ڪامي قلب تان ڪفرانڙو.
تون احد الله اڪبر آءٌ احمد پانهڙو،
پانهڙي تي پاجهہ ڪر در تان م ڌڪ دربانڙو.

پاڪستان تحريڪ

اول نـام الله عـلام جـو،
ٻئو نام مرسل منهنجي چام جو،
صلواتون پڙهو صبح ۽ شام جو،
آمـانـت مـٿس بـار الهـام جـو؛
امانت جي معنيٰ امن عام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

گهرون ٿا عدالت الاهي جٿي،
سو پٽ پاڪ پنجاب شاهي جٿي،
سندا سنڌ سرحد سپاهي جـٿي،
بلوچـن سنـدي بادشاهـي جٿي؛
بندوبست بنگـال آسام جـو،
پـلا ڪر پلو ديـن اسلام جو.

عرب شام، ايـران، افغان ڪل،
مڙئي ترڪ مصري مسلمان ڪل،

ڪروڙن ستن ۾ قدردان ڪل،
اسين تي، اچا سرمس انسان ڪل؛

نہ ٿورو اهو انگ اقوام جو،
پلا ڪر پاو دين اسلام جو.

لکن ڏهہ لکن لوڪ لبنان ۾،
تہ ڦاٿا فرانس جي فرمان ۾،
ڇهہ صوبا هٿن ڏا هندستان ۾،
مگر آهي مڙسي مسلمان ۾؛

تہ مهتن مٿي ميڻهن ماتام جو،
پلا ڪر پاو دين اسلام جو.

فلسطين جو فيصلو دستخط،
ڪروڙن بجا ڪيترا لک فقط،
ڪروڙن ڏهن جي قضا ڪئين غلط،
ڏئي گهالهہ کي ڪو قدردان قط؛

تہ آزادگي عين اسلام جو،
پلا ڪر پاو دين اسلام جو.

اسان جي نہ هٽ هيٺ هندو رهن،
تہ پيا واڱين سان رهي ڪيئن وهن،
ڪروڙن ڏهن کي بہ قلت ڇون،
سلامي بنائين صوبن ڇهن؛

جتي ديدبو ڏوم ۾ ڏام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

ڪروڙن ڏهن جو ته ڪوڙو ڪلام،
ڇهه صوبا سچا ڪن نه پڙي جو سلام،
غرض ڏاهي ٻٽو غلامن غلام،
غلامي تي ڪن ملڪ سارا ملام؛
ڏسو مسئلو مصر ۽ شام جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

گهٽائي اسان جي ڏ ڳانڍي مڃي،
ته ڀيو ڪير واڻين جي پاسي وڃي،
وڃي سو برابر ٿو ڀيٽيون ڀڃي،
صباح سيٺ ڏيندو به سينو مڃي؛
هٽڻ ڌڪ ڪاٺهن تان ڪشتي ڪام جو.
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

ڏ ڏچل سگهي ڏٺئي هڪ نمبري،
ڇهه صوبن سڄن لاءِ پيا سنيري،
قبولي نه ڪثرت ڪڏهن قنبري،
نه سي ملڪ ملندن نه ڪا ممبري؛
وڃي خرچ خالي خجل خام جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

مسلمان جي ماڪ مان هڪ ذري،
وڃي جي ته واجب وڻڻ ٿئي وري،
ڇهه صوبا ڇڏڻ ڳالهه آهي ڳري،
ملن سڀي نه مهتن ڀون مرمري؛

نہ گسندو اکر هک بہ انجام جو،
پــلا کر پلو دين اسلام جو.

وٹن جنھنجو واجب وڏي چوٽ سان،
نہ واجب وڏو سو وٹن ووٽ سان،
مرڻ حق نہ مھٹو مرڻ موٽ سان،
فتح روڪجي فوج ۾ قوت سان؛

نہ گھوڙا کپي گوڙ گھر گام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جو.

چھہ صوبا چڏڻ جو چڏي ڏي سوال،
وٹن آهي واجب وچن جي بہ وال،
پڙھيا يا ڪڙھيا ڪفر جا ڪوٹوال،
گينواريا گھمن ساڻ گانڏي گوال؛

چڏيو عالمن علم احڪام جو،
پلا کر پلو ديـن اسلام جو.

گھٹن عالمن جـــي بہ آهــي ڪيٹي،
هڏي هوڏ ڪان هيٹ گھان گٹي،
ڙٽي ۾ اڙي نيٹ نڪري نٹـــي،
اٹن رام جي راج جي رٹ وٹي؛

پين مر اندر سور سرسام جـو،
پلا کر پلو ديـن اسلام جو.

گھٹن عالمن علم ڈوئي چڏيو،
گلي جو گلو ساڻ گانڏي گڏيو،

لڳو تن پنيان جي لالن لڏيو،
عرب خواه ايران آسڻ آڏيو؛
هتي راج رهندو وچي رام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جو.

عجب پاڻ کي نيک نيت به کن،
وري نيک نيت نصيحت به کن،
وڏا وات ڦاڙيو وصيعت به کن،
هٿيو رام جي ڌا رعيت به کن؛
اهو آهي اسلام اظلام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جو.

ديانند دشمن اڳيان دل پذير،
نٿورام، گوپال، هرهک وزير،
کيا جن نبيءَ تان نقل ۽ نظير،
وٺي طرف واڻين جو واٽيو وزير؛
هلي بحث بندش تي بدنام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جو.

کڍيا کافرن کفر جا کي کتاب،
نه لائي نبي جي اجايا عتاب،
پلن بند کئي سا شکايت شتاب،
کليو تنهن تي کولو کين پيچ تاب؛
گهٽو گوڙ گانڌي ۽ گهنشام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جو.

ڏوم ڏوڙ جهڙو گلاگار گند،

گهري پاڻ گانڌي ته ٿئي گاربند،
هلائين چوايو هندو ڪار هند،
ته ستيا گره لئي سفر پار سنڌ؛
سري ڪجهه سرندن سر انجام جو،
پلا ڪر پالو دين اسلام جو.

نه لائي نبيءَ جي متي زور ڏهن،
گلا خور سان گڏ گلا خور ڏين،
ڪڍيو نور مان نار ۾ نور نين،
جوان تن ڪي چو دين جا چوڪين؛
ڪڍيو دشمن دين دشنام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

زياده ٿيو بلڪ ظاهر ذري،
وڃي جي نه وٺبي نه وٺبي وري،
بموجب حڪم پيا پيغمبري،
پڇان ٿو پڙهين ڪان خير اي ڪري؛
پتو ڪو انهي پاڪ پيغام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

هم حرڪتون هندوئن جون هتي،
انهن انگريزن ڪي آندو اتي،
ڏلو جنگ ڪان جنگ جهيڙا جتي،
ڪجي ڪن طريقن ترقي تتي؛
اکين ۾ نه اهڃاڻ آرام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

گهڻو وقت راجا رهيا راجپوت،
بنايو انهن آدمين کي اڇوت،
نه پائين پاڻ باک پائين پوت،
لڳي هٿ آنهن جو ڪڍهن ساڻ قوت؛
ته ڪن ٿا گلوبند گگدام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

نبي ڪان ٿرن تن نهارين پيا،
وڃن ڏي ته وچ ۾ ويهارين پيا،
مدد لاءِ ميمبر بيهارين پيا،
هزارين هزارن تي هارين پيا؛
دغا دوست داڙو انهيءَ دام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

گلاخور غافل گڏيا غير سان،
بيهن خرچ خيرات تي خير سان،
سيارو به سارو سفر سير سان،
فنا فوج ڪن ٿوڪ جي فير مان؛
حريفن جهليو حرف هر نام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

مسلمان کهڙو منو مورڙو،
ڇهاري سندن کي ڇهي ٿورڙو،
ته پگوان ڇڏي ٿو پڇي پورڙو،
ملين جي زياده ذور زورڙو؛
ته الله حافظ امن عام جو،

پلا ڪر پالو دين اسلام جو.

آهي ڪانگريسي اٺو ڪانگ ويس،
ڪروڙن تي قبضو گهري ڪانگريس،
اسين ڪيئن ڇڏيون دوست ديس،
اٺو چاڻ ٽن لوپين ٽان لبيس؛
نه مذڪور مخفي انهي مام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

هٿن هارين لاءِ هامن تي هام،
ويڙهاڄن وڻڻ لئي وامن تي وام،
گمائين گمراهه گامن تي گام،
پوي قوم ڪم جو نه ڪامن تي ڪام؛
نه همدرد اهڙي کي حق عام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

مسلمان جي ليگ مان دل لڳي،
وڳوڙن وجهڻ لئه به ويري وڳي،
تڙيو جو طرف ڪان نه سو تير تڳي،
اڃان آزمودو اڳي ڙي اڳي؛
اڳي حق نه ڪنهن هل نه هنگام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

ڏني ليگ لاشڪ لڙائي گهٽي،
تڏهن پائرو بات بگڙيل بٽي،
نه هائي ڦٽايو نه هڙدي هٽي،
وڃان ملڪ واڱيان وڃي ٽا ڪٽي؛

ملو ٽيڻ اکر جيئن الف لام جو،
پـلا کر پلو دين اسلام جو.

پلا ليگ جنهنکي نه لائق گڏي،
نه ڇو بار خدمت خلائق کڻي،
کڻي شغل کهڙو به شائق وڏي،
ڏلهي فوقيت سان نه فائق بڻي.
نه آسان ڏيڻ عيوضي عام جو،
پلا کر پلو دين اسلام جـو.

ونـڊ جو فرض تير تلوار سـان،
ونو سو ڏيڻي ووٽ ويچار سـان،
کڻن جن وڏيا ووٽ وهنوار مان،
ميان فيصلو هند سرکار ســان.
اهو آخري وقت اڪرام جـو،
پلا کر پلو دين اسلام جــو.

عجب رنگ اصرار سي خاکسار،
سي گانڌيءَ جي گس سندي خاکسار،
پڇن پاک پٽ کان نه سي پاکسار،
نه سي ميڻهن مورن مگر ماک مار.
اسان تي عبث بار الزام جو،
پـلا کر پلو دين اسلام جو.

وڃهن پاڻ ويڇو وري ڏوهه ڏين،
نه هي پاڻ ۾ هڪ نه ٽا کوهه ٽين،

وڏا پاڻ ڏوهي مگر ڏوهه ڏين،
سڌي راهه بدران ونيو روهه نين.
نظر نيڪ ڪم ڏي نه نيڪام جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

اسين هڪ خدا جا هيڪ آهيون،
مگر بت پوڄارين جو نت نئون،
ڀلا پاڻ ۾ ڪيئن لڳي ڏي ٻه لنئون،
پيا ڳئون ڪي پاڻ پوڄين ڳئون.
اسان ۾ اهو فرق ايمان جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

ڪين انگريزن منجهان عيب اي،
ته ٻئي ڪي نمائين نازيب اي،
اسان جو آواز غيب اي،
الاهي ٺئي بند آسيب اي.
انئون آسرو تنهن انعام جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

جلن شال جان ۾ جل سجن،
ڪڙهن جن جي قسمت اندر ڪل هجن،
هندو خوش هندستان ۾ شل هجن،
مسلمان ملڪن متي مل هجن.
ونگو وار ٺئي ڪنهن نه ورهام جو،
ڀلا ڪر ڀلو دين اسلام جو.

احمد ۾ احمد ساڻ آرام مون،
مڃيو دل منجهان دين اسلام مون،
گلن مثل گفتا ڪندو گام مون،
پروڙج پڙهي پر پچين نام مون.
ته الحمد مان ڪيا اڪرام جو،
پلا ڪر پلو دين اسلام جو.

خان سڀ ويا خاڪ ٿي

بي خبر وٺ ڪا خبر تان خان سڀ ويا خاڪ ٿي.
پيو خزانن ۾ خلل خاقان سڀ ويا خاڪ ٿي.
ٿي رکيا جن خاص خادم ويا تني خيدان کڇي،
ڪنهن خنجر خوني ۽ ڪيا خيمان سڀ ويا خاڪ ٿي.
گشت ڪريو گهوٽيا گهوڙن چڙهيو گهر موٽيا،
دم گهڙي گهاري ڪيئون گذران سڀ ويا خاڪ ٿي.
گل وڃايئون گلم تي گلزار ۾ گفتار ڪيئون،
سي گهڻگهر گهيري ڪيا گهمسان سڀ ويا خاڪ ٿي.
جن بنايا بنگلا تن ۾ بيهاريا باغ ٿي،
تيون بناون تن بنان بيران سڀ ويا خاڪ ٿي.
جيت بقاري باغ هئا ۽ بادشاهيون بي شمار،
بادشاهه ۽ باغ ۽ بستان سڀ ويا خاڪ ٿي.
ڪيترا قهار ڪلنگي دار قيصر ڪيقباد،
ڪر لڳن منجهه قاب قهري ڪان سڀ ويا خاڪ ٿي.

قصد سان ڪاهي ويئا جن ڪيچ ڪچ ڪابل قنڌار،
قبض ۾ ڪي ڏينهن ڪيئون ڪرمان سڀ ويا خاڪ ٿي.

عرب ۾ ارباب ٿيا عالم سڄو تن اختيار،
امر ۾ آين عجم ايران سڀ ويا خاڪ ٿي.

جن جي اوطاقن اندر ڪيون ٿي عطر آبڪاريون،
او نه آهن منجهه اڱڻ ايوان سڀ ويا خاڪ ٿي.

پس حويليون او هلي جن ۾ هئا حاڪم هزار،
هاڻ حجرا تان هئين حيران سڀ ويا خاڪ ٿي.

ملڪ ماري جن مچايا پيا مري سي منجهه مقام،
پس مٽا ماڻهين منجهه ميدان سڀ ويا خاڪ ٿي.

موتون مرجان موتي مرڪ ماڙين مر مڙهيون،
مهل ڪا محلن ۾ هئا مهمان سڀ ويا خاڪ ٿي.

سي پيا ڪو مست ٿيو نت مجلسون لايون مدام،
مڙ اچان موٽيا منجهان ميخان سڀ ويا خاڪ ٿي.

ويون مڙهيون ميراث ٿي جن مال ميڙيا ڏيئي مٽا،
ملڪ ۾ مايا تي هئا مستان سڀ ويا خاڪ ٿي.

ملڪ جا مختيار مالڪ مرد ماڻهو معتبر،
مهل هن ماڳ ماڻي مان سڀ ويا خاڪ ٿي.

سر زمين سرور سراسر سرفراز و ڪامياب،
سونهن پريا ساهو سڀر سامان سڀ ويا خاڪ ٿي.

ساز سونا نت سنڀاريو ٻر سمنڊن تي سوار،
سي سڄي سيج ۽ سيڄي سروان سڀ ويا خاڪ ٿي.

مون سانڍيو سيج تي سک ٿيو ستا ساري چار،
سي ڇڏي سودا سلف سامان سڀ ويا خاڪ ٿي.
جمجم جمشيد جهڙا ٿيا جدا جابر جواز،
منجهه جنگين جن ڪيا جنبيو جولان سڀ ويا خاڪ ٿي.
ٿيا جدا جلدي تو جيڏا ڪنهن نه جاٿيو منجهه جهان،
جن جا جيئرا جيءَ جسم جند جان سڀ ويا خاڪ ٿي.
لک پدم پاڙا پڌيو پهرين پڌايئون پاڻ ٿي،
ٻوءِ اتي ڪا پهر پسجي ڪان سڀ ويا خاڪ ٿي.
جت طرحين جون تخت گاهون تيت نه ٻڌجي ڪا تنوار،
تخت تازا توشڪون طولان سڀ ويا خاڪ ٿي.
دم دمائي در گهڙي دارا ڇڏي هي دار ويو،
ديس ۾ لک دائيون دربان سڀ ويا خاڪ ٿي.
ٿي رکيون فوجون فريدن فخر هئا فرعون ۾،
ڪيا ڦٽا في الحال تن فرمان سڀ ويا خاڪ ٿي.
راڄ مان راڻا رهيا ۽ پڻ ڇڏيائون روپ رنگ،
رات ڏينهن رڻ ۾ رهي ارمان سڀ ويا خاڪ ٿي.
وس جني جي ٿي وڻا وڻ ٽڻ ولايتون واديون،
ٿيو وري تن جو وطن ويران سڀ ويا خاڪ ٿي.
سهسين شاهن شهر جوڙيا شوق مان ڪيا ٿي شڪار،
ٻوءِ ڇڏي سي شغل شاديون شان سڀ ويا خاڪ ٿي.
ٿي لڳا نالي جني نمرا نغارا نئوبتون،
ناهي ڪو نروار تن نيشان سڀ ويا خاڪ ٿي.

نيٺ ناڻا ڪم نہ ايندءِ رڪ ڪو ليڪي تي نظر،
ٿرت ڪر ناحق نہ ٿي نادان ويا خاڪ ٿي.
ٻج ڏمر ڏاتار جي ڪان ڏر ڏيهاڙي ڏيل ۾،
ڏس تہ جن ڪي ڏيهہ ڏنائين ڏان سي ويا خاڪ ٿي.
ڪر چڱائي ٿي چڱو چارو چڱي ري ناهي پيو؛
ري چڱائي چارڙي چوڳان سي ويا خاڪ ٿي.
عمر اوڏي پيئي اڄي اڄ يا ميان ايندو اجل،
رڪ اندر "احمد" اهڙ ارمان سي ويا خاڪ ٿي.

غزل

پسي تنهنجو پيارا منهن، پروڙيم ڳالهہ هيئن ٻاڻا،
تہ ٿيندا موت مون لئي نيٺ، تنهنجا محب هي ماڻا.
رڳو حورون نہ دنيا ۾، اڳيان تنهنجي حسن هاريو،
ڏسي صورت سندءِ سج چنڊ، ڪتيون قطب ڪوماڻا.
خدا جو سنهن ڪڏهن تنهنجي نہ ٿئي ڪل خون کان خالي،
مسافر ڪئين ملڪ ۾ ڏس، تہ مرڪاٽيءَ تي ماراڻا.
چندن چوٽا چڳن ان پر، مٿي رخسار رهواري،
ڪڪر ڪر ويس ڪاري ۾، وسن ريلون ڏيو واڻا.
سڏي هرڪو هيڏي آ، هنيون آءٌ هٽان هر دم،
تہ ٿون ڪنهن جي اڳ ڏيندين قدم ڪوهيار ڪوہ چاڻا.
نہ هڪ ايذاءَ ۾ عاجز ٿي نگيون "احمد" کان آهوز،
سڄي بت سڌ سنڌ سنڌ ۾ سوين پيا سور ساماڻا.

غزل

گلبدن منهنجي بدن ۾ باه پـرڪائيندو وت،
ڪر پڇي ڪاني ڪجل سان، ڪان ڪڙڪائيندو وت.
ڪـول سهڻا سونهن، رڪ سينڌ تـان سوڌي پٽي،
دائما دل ۾ پوءِ لـعل لڙڪائيندو وت.
ڪنهن گڏهه گابي هٿان، گل باغ پيلائي ٻه ڪير،
هي هـرڻ اکيون هينئين ۾ ويـر وڙڪائيندو وت.
پال ڪهڙو ڪن پلا، جن جا پرون پـالـن مثال،
داد ڪونهي دانهن جو، پڙهه پڙهه تي پڙڪائيندو وت.
ڪانگ تر جو قوت ڪهڙو، قلب قالب سان نه ڪم،
مفت مهري مهر جي سان، چو نـه چڙڪائيندو وت.
دل به هڪ، دلبر به هڪ، دلبر گهڻا، دل ڏه ڪٿا،
تون اکيون قاڙي، نه قاڙهي رهـت ڦڙڪائيندو وت.
هي اڏيون اکين نه 'احمد' ڏڪ اندر سان آر پـار،
پاڻ ڪي نـوري ٽيڻ سان، ڪين تـڙڪائيندو وت.

غزل

عرض آهي، ڪڏهن ايندين! اکيون نت انتظاريءَ ۾،
غـرض غمناڪ تـو گهاري، غمن ۾ غمگساريءَ ۾.
لڳي لاشو وهـا لاشڪ، پسه ري پٽ ۾ آهيان پڪ،
وڃم ڪالڏي ڪري قابو، قبر جي ڪوپ ڪاريءَ ۾-

وهن واريون وٺيو واٽون، لڏن لايون مٿم لانون،
ڪڍهن دانهون ڪڍهن دونهان دکن دل درد واريءَ ۾.

تکو ڏينهن تاوڙيون تڙڪا، ڪنهن مان واءُ ڪري ڪڙڪا،
ٻئي پاسي پچن پيرون، رهي بت بيقراريءَ ۾.

جدا ٿيو جسم کان سنڌين، ککوريا وڻ قبر ڪنڌين،
چڙيون يڪسر ڪري ڪو يارءِ ناهم يادگيريءَ ۾.

رهيم وخ روح تي ريلون، نه وسرن وصل جو ويلون،
مرڻ کان پوءِ به منهن آهم انهيءَ محفل موچاريءَ ۾.

هنجون هيڪاند لاءِ هاريان، سلامن کي سڪيو ساريان،
قبر تي مان ڪو ڪاغذ، ڪري قسمت هماري ۾.

سڪهو مولا ڪرين محشر، مٿا درمن پسن دلبر،
مٿا پوءِ آهي "احمد" جي پٺي اک انتظاريءَ ۾.

غزل

(۱۳- جون ۱۹۶۴ جي برسات ۽ طوفان بابت)

يا الاهي! يا الاهي! يا الاهي! الغياث!
گهگهر يا گولا گناهي، يا الاهي! الغياث!
سال تيرهن سؤ، اٺ چورا اسي آئي اٺ،
اوچتي آفت الاهي، يا الاهي الغياث!
ٿا لکن طوفان جي رفتار، هڪ سؤ ويهہ ميل،
پيو نہ ٿو ري اڄ ٽلاهي، يا الاهي الغياث!
مينهن پندرهن انچ پورا، واءُ جهوجهڪيو ڇهہ پهر،
ٿا سٽائن سر براهي، يا الاهي الغياث!
مينهن گهٽا مولا ڏٺا سون، هي تہ مرڳو بادِ عاد،
هيڪ آنڌي، ٻي اونداهي، يا الاهي الغياث!
هڪ جهوواءُ ٻئو نہ ڇنيٽن جو، ڇهن پهرن ۾ ڇهہ،
هر طرف آنڌي تباهي، يا الاهي الغياث!
ٻره سان ٻسجي نہ رٽ ۾، کو ٻکي ٽوڙي ٻکو،
سانگ کهڙي کن سنياهي، يا الاهي الغياث!
منجهہ ڪنگالن ڪنگ وڙٻڙي، ڪنگر اٿيا ڪنگڙا،
منجهہ ڪلاڇي ڪج ڪلاهي، يا الاهي الغياث!
ڪٽڪڪوئين ۾ پسي ٻڏي، ول ٽري وڃي تار ۾،
جا اجا ڳوڙن نہ ڳاهي، يا الاهي الغياث!

هوءَ پريان مضبوط ماڙي، جا نئي تازي تيار،
واءُ ڏيکي ماڻ ڏاهي، يا الاهي الغياث!

هر شهر ۾ هل حشر، پيٽون اندر ڀهراڙين،
ڇا نهاريون منجهه نواحي، يا الاهي اليغاث!

مال سان رڻ لال ٿيو، ماڻهو مئل گڏ ٿيا لڙهي،
بر وڏي کنهن واهه واهي، يا الاهي الغياث!

الغرض آيا نه موتي در ڏٺي، ڏڻ يا ڏراڙ،
واءِ ڇوهي سڀ ڇانگ ڪاهي، يا الاهي الغياث!

ڏڻ مري ويا، ڪڻ تري ويا، وڻ ٻري ويا، ونوڻ ڏاس،
باد صر صر ڏئي نه ساهي، يا الاهي الغياث!

سؤ ٻه ماڻهو، مال مئو اٽڪل اڍائي ڪن ڪروڙ،
روز اڳتي، افگ شاهي، يا الاهي الغياث!

ڇا ڇرن ڇالون ڇلر ۾، ڇيلهه - گوڏو ڇاڙهه ڏي،
لهر لاهو لاهه لاهي، يا الاهي الغياث!

ڏا وڃون جنهن وات تان، لاشن جا لاشڪ ڍير آت،
مال، ماڻهو، مرغ، ماهي، يا الاهي الغياث!

پيير ويا پن ۾ پهي، پينار تن جا بي پناهه،
بي پناهن ڏي پناهي، يا الاهي الغياث!

جنهن بچائين سو بچي، وچ ۾ نه ٻئي ڪنهن جو اچي،
پرٿي تو پاڻ ٿاهي، يا الاهي الغياث!

مات ۾ ممبر متارا، ملڪ ٿيو ميدان صاف،
واهه جي ليڪن نباهي، يا الاهي الغياث!

خلق خلقي رحم لئي تو، رحم گهرجي يا رحيم،

تو سوا اوهي، نہ واهي، يا الاهي الغياث!
ڏو اماڻين آفتون، تان مان عبرت کا وٺن،
هت تہ ساڳي ووسياهي، يا الاهي الغياث!
ياد يارن عاد وارو باد، پڻ طوفان نوح،
لاک جن جي لوهہ لاهي، يا الاهي الغياث!
سخت سي سارنگ ۾ سو رنگ مرندا سارڱيون،
مؤمن مجلس ملاهي، يا الاهي الغياث!
هت ٺلها بک پيٽ ۾، سٽ سيٽ بوري، جي ٻڌن،
واهہ خذمت خيرخواهي، يا الاهي الغياث!
چانهہ کاري کوپ آڏيو، رنگ رحمت لائيا،
خوش رهاکو خواهہ راهي، يا الاهي الغياث!
روز رازا ۾ کمي ڏيڊو وٺن ڏهڍي مٽي،
کڙک کانيارو بہ ڳاهي، يا الاهي الغياث!
ريڊيا رڍ جهڙين رڙن، توبہ بجا تڙ تڙ تڙون،
صبح سين صحبت صراحي، يا الاهي الغياث!
مهر بدران قهر کن واپار يا کم کار ۾،
فرض تن جي لاءِ ڦاهي، يا الاهي الغياث!
خير کيا کئين خيرخواهن، ٻرک تن ۾ پرڳڙي،
ڏيو سچو ثابت سپاهي، يا الاهي الغياث!
ان بہ سو مڻ، ڏن کيائين دان حاضر پنج هزار،
پنج ٻڌرهن يا پنجاهي، يا الاهي الغياث!
کجهہ هڙان ۾ کجهہ وڙان کئي مدد مختيارکار،
پيا بہ حضرت هم صلاحي، يا الاهي الغياث!

هر ترقيءَ جو حقي حقدار هاشم ڪاردار،
شال ماڻي شان شاهي، يا الاهي الغياث!
ڪن ڏنا ليرون لٽا، ڪارا ڪٽا پسيل آٽا،
واھ جي تن وٽ وراهي، يا الاهي، الغياث!
مهر بدران قهر ڪرڻو جن مٿي، سي ڪيئن ورن،
پيا ڳچيءَ ۾ ڳٽ ڳراهي يا الاهي الغياث!
جي حڪم ھھڙا هلائيمي، پوءِ نہ پيو هوندو هتي،
تنهن جي باقي بادشاهي، يا الاهي الغياث!
ڪر نہ پاڻين سان پلا! پيڙو اسان پاڪار ۾،
رحم ري پو ڪي نہ راهي، يا الاهي الغياث!
مهر موڪل، قهر ڪي جهل، هت ججهو ناهي جهاو،
بس ڳنگي مينهن جي ڳواهي، يا الاهي الغياث!
تون احد الله پيو ڪنهن ڪي عرض ”احمد“ ڪري،
سڻ صدائون صبح ڳاهي، يا الاهي الغياث!

غزل

(سرڪاري امداد بابت)

ڏس ميڙ ماڻهن جا ميان! هر ڪو ڇوي مونکي ملي،
ڪهڙو ڏکيو ڪنهن کي ڏيان- هر ڪو ڇوي مون کي ملي.
جن ڪروڙين ڏن ڪٽي- سو پڻ وظيفو ڏو وٺي،
آندي ڇٽي ڇڳي، مٽي- هر ڪو ڇوي مون کي ملي.

جن وٽ ڏڏي ڏائي نہ هئي - سي پڻ چون ٿا زار روئي،
منهنجي مڙوئي ڇانگ مُئي - هر ڪو چوي مون کي ملي.
هڪ وٽ نہ لولي لوڻ ڪو - ٻيو نئي ٻهاري ڳوڻ ڪو،
ڏاڍا ڪٺي ڏيڻي ٽوڻ ڪو - هر ڪو چوي مون کي ملي.
جنهن جو ڪٿي ٽارو نہ ٽپ - تنهن جو لڳو هن مهل مپ،
منهنجو بہ ٽيو گهر گهاٽ گپ - هر ڪو چوي مون کي ملي.
جو ڪالهہ ڪان ڪنگال هو - ڪاغذ ڏنائين ڪالهہ ڪي،
منهنجو بہ سٽ ڪن مال مُئو - هر ڪو چوي مون کي ملي.
درخواست وارو ڏيهہ ڏٺي - آيو ڪٿان مل خط ڪٺي،
منهنجو بہ ٻيو ڇاڇو ڇٽي - هر ڪو چوي مون کي ملي.
سر ڀئنچہ ساڏول پور منڊو - گهڻندو وتي گهٽيون ٻندو،
چوري ٿيو تنهن جو چندو - هر ڪو چوي مون کي ملي.
ڇا قسط ساٺول پور صحي - وئي ڏ ڏهہ ڏوري ۾ وهي،
ڪامل تڏهن آيو ڪهي - هر ڪو چوي مون کي ملي.
هي سي امانت عام جي - نام خدا ٿاڪام جي،
تنهن ۾ خيانت خام جي - هر ڪو چوي مون کي ملي.
واپار وٽ جنهن جو هلي - ٻيو ٻيٽ ٻنهنجي تي پلي،
ڇا ڪاڻ جهولي سو جهلي - هر ڪو چوي مون کي ملي.
جنهن جون زميندارين زبر - سودا سلف منجهہ بحر بر،
بکيا پئن جو بي خبر - هر ڪو چوي مون کي ملي.
خيرات جو ڪوليو ڪندو - پائي نہ ٻئسو جن سندو،
تنهن ڪنهن طرح ٿالهيو تندو - هر ڪو چوي مون کي ملي.
ووٽن جي ڪنهن وينجهاو ڪي - تنهن ٽار ڪئي سرڪار ڪي،

منجهه خير گذيون خار کي - هر کو چوي مون کي ملي.
گهوڙا ڙي گهوڙا گام ۾ - پنهنجن کي ڀهرين لام ۾،
ڏارين دلاسا شام ۾ - هر کو چوي مون کي ملي.
ڏاها ورهائن ڏيهه ۾ - هڪ ديهه جو ٻي ديهه ۾،
اهڙو ستم ساڻيهه ۾ - هر کو چوي مون کي ملي.
هي خير خالص نال تن - ماڻهو مڙئا ئي مال جن،
حيران هاڏي حال تن - هر کو چوي مون کي ملي.
"احمد" احد ڏي آهُ وري - گهڻ يار هڪ کان يا وري،
دائم جنهين جي داوري - هر کو چوي مون کي ملي.

غزل

(مولوي عبدالرحيم ڀچي جي بابت)

اڄ ٻه سنگت سات سا ڀو مولوي عبدالرحيم
جنهن نه واحد کي وساريو مولوي عبدالرحيم
سنڌ ساري کي سڌاريو مولوي عبدالرحيم
ڪيچ ڪڪر مان ڪفر ڏاريو مولوي عبدالرحيم
اڳ ٻه هئا عالم گهڻا ڪيچ سنڌ ۾ سالم سڀئي
پر ڪي وينا مٽي تي حق چوڻ کان سڀ ڇڏي
ڪاهه ڪو هن تان ڪريو ڪيئندا هئا ڪارهين ڪئي
بند تن جو قوت ڪاريو مولوي عبدالرحيم
سوٽ ۾ ماسات مڙئي ماهل جي ماس تي

ڪل بگھاڙن مثل بگڙيا پت پڳي جي باس ٿي
ماذبح مرد اڇـــي هي خير خالق واسطي
ڪک پڙي ڪنهن ٿي ڪواريو مولوي عبدالرحيم
پير پڇماڻي جي پوڄا هُئي پڇم ۾ عام جام
ڪئين ڪمان تنهن جا سلامي پيا ڪندا هئا وام رام
ميچ ڏسي ڪنون ڪنيائون پوء ساهي جو سلام
تن ڪي در دلدار ڏيکاريو مـــولوي عبدالرحيم
اڳي نمازين جون نمازون هئا ٽلا ٽونگھا پہ ٽي
مس مٿو پٽ تي لڳو اٿيا وري ساجھر سٽي
ڪرلڱڻ ڳوڙي وچان پڻو ڪالڪ ڪڻ جهٽ پٽ جهٽي
تن ڪي صحيح سجدو سيکاريو مولوي عبدالرحيم
ڪيئن خدا ڪارڻ ٺٺي خيرات قبرن وچ ڪٺل
جاءِ عبرت جي جتي منجهہ موج ماڻهن جا مٺل
هٽ هزارن وٽ پڊن پر هيڪڙي رب لاءِ رٺل
تن ڪي پرور ڏي پڪاريو مولوي عبدالرحيم
حاضرن ڳي هـو حضور قلب هرگز حاصلات
لوڪ ۾ لالن ڪنيو لائق لقب حيي الصلوات
ٿـــي جماعت ڪي جياريو مـــولوي عبدالرحيم
ماهل ۽ مـــاذبح پئي آيتون آڳي عـــلام
منجهہ ڪهڙو صاف آهي پاڪ قادر جو ڪلام
ڪن پيا تاويل تن ۾ غـــرق غرض ۾ غلام

SOORIH SINDHI ADAB

ٿن کي اوڏهي مان اڪابور مولوي عبدالرحيم
زال پٽ ۽ مال پڻ پوک ۾ پتيار پير
مال ماڻهن ۾ مرض ويلي هٿا ڦرندا فقير
ڪنهن بهشت ۾ حق نه سمجهن حق تعاليٰ جو حقير
ڊر ڏڏي ڪار تن ڊچاريو مواوي عبدالرحيم
واٽ وحدت جي وڻائي نام رب جي ساڻ نينهن
رحمت الله عليه نت متن مهرن جو مينهن
سن تيره سؤ ستهتر ۾ ڪيو بجا آچار ڏينهن
پنهنجي سائين ڏي سڌاريو مولوي عبدالرحيم
اڳ نه سگهندو هو ڪجي ڪو هيڪڙائي تي حرف
پوءِ رکي قادر تي ڪم توحيد ڦيري هر طرف
عمر عالم دين جي، جي هئي ستر سالون صرف
تنهن ۾ پورو فرض پاريو مولوي عبدالرحيم
ڪر ادب ذاتون ڪريما تي ڪرم قادر ڪريم
جا سمي صاحب سنڌي ڏيءَ ڪچ ڏنارا ۾ مقيم
مرض احمد جو ته اهدنا الصراط المستقيم
ڦاٻ ڪامي سان اجاريو مولوي عبدالرحيم

SOORIH SINDHI ADAB

مولوي حاجي احمد ملاح جا تصنيف ڪيل ڪتاب

نورالقران منظوم ترجمون	هديه	[illegible] - ٠٠
ديوان احمد پلاسٽڪ جلد		[illegible] - ٠٠
بياض احمد		٣ - ٥٠
گلشن احمد		٣ - ٠٠
گلزار احمد		[illegible] - ٠٠
هيڪڙائي حق		[illegible] - ٠٠

سول ايجنٽ:

١- غفور نيوز پيپر ايجنسي بدين.

٢- ادبيات حيدرآباد.

٣- سنڌ ڪتاب گهر ميرپورخاص.

٤- محمد اسحاق ٽنڊوالهيار.

٥- مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي نمبر ٢

٦- آر. ايچ. احمد، حيدرآباد.

٧- ريلوي بوڪ اسٽال لاڙڪاڻو.

٨- اسٽار پرنٽرس، حيدرآباد.

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سوره· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488